# ڪتاب

# ميراث

سنڌي زبان ۾

بمطابق فتوی اية الله العظمی مرجع ديني الڪبير سماحة السيد

دام ظله الوارف

## علي حسيني السيستاني


مؤلف

صفدر گاڏهي النجفي

حوزه علميه نجف اشرف عراق




هي ڪتاب ١١ ذي القعد ١۴۴٣ھ
سلطان العرب والعجم معين الضعفاء
امام علي بن موسیٰ الرضا عليه
السلام جي ولادت جي ڏينهن امام
رضا عليه السلام جي خدمت ۾
بطور هديو پيش ڪريان ٿو.


ناشر

سخن سنڌ نجف اشرف عراق

بسم الله الرحمٰن الرحيم

كتاب جو نالو..... **كتاب ميراث**

موضوع ..... مرڻ واري جي ملڪيت جي ورڇ

مولف..... صفدر گاڏهي النجفي

تصحيح ..... حجة الاسلام جناب امتياز علي قمي

**ڪمپوزنگ** ..... صفدر گاڏهي النجفي

جلد ڊزائنگ..... محمد نواز خاصخيلي نجفي

ناشر ..... سخن سنڌ نجف اشرف عراق

نشر ٿيڻ جو هنڌ ..... حوزه علميه نجف اشرف

تاريخ..... 11 ذي القعد 1443 هجري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله الذي بنعمته تتم الصالحات، وبفضله تتنزل الخيرات والبركات وبتوفيقه تتحقق المقاصد والغايات

الصلاة والسلام علي خيرخلقه سيد الرسل و آله الطيبين و لعن الله علي اعدائهم اجمعين

اما بعد؛ اسلام ضابطه حيات آهي دين مبين ۾ قيامت تائين ٿيندڙ حالات ۾ مسائل شرعيه جو حل واضح بيان ٿيل آهي جن تي عمل ڪرڻ سان ئي هڪ مهذب معاشرو جڙي سگهي ٿو . پر افسوس جو اڄ مسلمانن ۾ روح اسلام نه آهي رسمي اسلام باقي رهيو آهي.ميراث جهڙي اهم مسئلي کي فراموش ڪري حقدارن جا حق غصب ڪيا پيا وڃن مرڻ واري جي ملڪيت مال غنيمت سمجهي جيڪو ڏاڍو هوندو آهي اهو غصب ڪري ڏيئن کي،مرڻ واري جي زال کي،مرڻ واري جي ماء پيء ۾ بين ڪيترن جو غصب ڪندو آهي بس ان ڪري مان هي ڪتاب سنڌي زبان ۾ ترتيب ڏنو تاڪه اگر ڪو حق کي تلاش ڪرڻ گهري ته پهچي وڃي ان کان علاوه ميراث اسلامي مسائل مان مشڪل ترين مسئلو آهي بهتر آهي علماء سان تمسڪ ڪجي.

# ڪتاب ميراث

ميراث يعني اهو مال جيڪو مرڻ وارو پنهنجي پويان ڇڏي

اگر مرڻ کان پهريان ڪو شخص پنهنجي مال ڪنهن جي حوالي ڪري ڇڏي مثال پيءُ پنهنجي مرڻ کان پهريان پنهنجي ملڪيت مان ڪجھ حصو مثال به جريب زمين ڪنهن هڪ پٽ کي ڏئي ڇڏي ۽ پيءُ جي زندگي ۾ اها زمين پٽ جي ملڪيت تي وئي هجي مثال لکت ڪري ڏني هجيس يا ڪو اهڙو ڪم جنهن مان ظاهر ٿئي ته هاڻي اها زمين هن جي ملڪيت مان نڪري پٽ جي ملڪيت ۾ اچي وئي هجي جيئن پٽ پنهنجي مرضي سان آباد ڪري يا هارپي تي ڏيندو اچي ۽ ان ۾ پيءُ وري مالڪي ظاهر نه ڪري ته هاڻي پي جي مرڻ کان بعد اها به جريب زمين ميراث ۾ شمار نه ٿيندو.

۽ ان سان گڏ اگر پنهنجي زمين مسجد مدرسي وغيره لاء ڏئي ڇڏي تڏهن به اها ميراث ناهي

لهذا هر اها ملڪيت جيڪا مرڻ وقت مرڻ واري جي ملڪيت ۾ هجي اها ميراث آهي

ها هڪ صورت باقي رهي ٿو ته مرڻ واري صرف ڪنهن کي چيو هجي ته هي زمين تنهنجي آهي ليڪن ان جي ملڪيت ۾ منتقل نه ٿئي مرڻ وارو پاڻ آخر تائين مالڪ رهيو ته هاڻي ان جو ڏيڻ وصيت ۾ شمار ٿيندو جيڪو مرڻ واري جي مال منجهان ٽين حصي ۾ نافذ ٿيندو

اهي رشتيدار جيڪي مرڻ واري جي مال مان حصو ڪٽندا انهن کي وارث چئبو آهي

## وارث بڻ طريقن سان ٿيندو آهي

1؛ نسبي  2؛ سببي

نسبي ؛ جيڪي رشتيدار هوندا آهن مثال ماء پي اولاد ڀائر وغيره

سببي؛  سبب ۾ به قسم آهن

1؛ زال يا مڙس   2؛ ولاء

ولاء ۾ ٽي قسم آهن

1؛ آزاد ٿيل غلام؛

اهو غلام جنهن کي مالڪ الله جي رضا خاطر آزاد ڪيو هجي

2؛ ضامن جريره ؛

اهڙو شخص جيڪو  ڪنهن کي ضامن بڻائي ۽ چوي ته   تون منهنجي مدد ڪندي ، منهنجي دشمنن کي مون کان پري ڪندي ۽ منهنجو وارث ٿيندي ۽ ضامن چوي مان قبول ڪيو اهڙي قسم جي ضامن کي  ضامن جريره سڏبو آهي

۽ به شخص هڪ ٻي جي لاء ضامن به ٿي سگهن ٿا هو هن جو ضامن ۽ هو هن جو ضامن

اهيو ان صورت ۾ جڏهن ٻنهين جي لاء ڪو نسبي رشتيدار نه هجي

## 3؛ امام وقت عليه السلام

نوٽ ؛ آزاد ڪيل غلام اگر آهي ته ضامن جريره وارث نه ٿيندو

۽ اگر ضامن جريرو آهي ته امام وقت مرڻ واري جي مال جو وارث نه ٿيندو.

چو جو جنهن جو ڪو به وارث ناهي هوندو ان جو امام وارث هوندو آهي

## ميراث ٽن صورتن ۾ ملندو

1؛ قرابت        2؛ فرض        3؛ ردا

### قرابت

اهي رشتيدار جيڪي قريب هجڻ سبب وارث ٿيندا آهن جيئن پٽ آهي سڳا يائر آهن يا فقط پي طرفان يائر هجن يا چاچا ، ماما ، ڏاڏو وغيره

### فرض

اهي رشيدار جن جي حصي جي باري ۾ قرآن ۾ حصا مقرر ڪيل هجي

فرض جي باري ۾ 6 قسم بيان ٿيل آهن ۽ انهن ۾ 13 رشتيدار شامل آهن جيڪي فرض يعني انهن جي حصي جي باري ۾ قرآن ۾ حصو مقرر آهي

1_ قرآن ۾ پهريون بيان ٿيل حصو اڌ آهي

جيڪا ڌيءُ اڪيلي هجي ، ماء پي جي طرف کان سڳي ڀيڻ ياء نه هجيس

مڙس کي اگر مرڻ واري گهرواري کي اولاد نه هجي يا گهر واري جي اولاد جي ڪا اولاد نه هجي

2_ قرآن ۾ ٻيو بيان ٽيل حصو چوٿون حصو آهي

*جيڪو مڙس کي ملندو اگر گهر واري جي ڪا اولاد هجي يا اولاد جي ڪا اولاد هجي ،

* گهرواري کي اگر مرڻ واري مڙس جي ڪا اولاد نه هجي يا اولاد جي اولاد نه هجي

*اگر اڪيلي زال آهي يا ٻه زالون آهن يا ٽي آهن يا چار ته ان صورت ۾ چوٿين حصي کي انهن جي درميان ۾ برابر تقسيم ڪيو ويندو

3_ قرآن ۾ ٽيون بيان ٽيل حصو اٺون حصو آهي

يعني اٺن مان هڪ حصو ، ٽوٽل ملڪيت جا اٺ حصا ڪري انهن مان هڪ حصو.

*جيڪا گهر واري کي ملندي اگر مڙس کي اولاد هجيس يا اولاد جي ڪا اولاد هجي

اگر اڪيلي زال آهي ته اٺون حصو ڪٽنديءَ اگر
ٻه زالون آهن يا ٽي آهن يا چار ته ان صورت ۾
اٺين حصي ڪي پاڻ ۾ برابر تقسيم ڪنديون

4_ ٻه ثلث يعني ٽن مان ٻه حصا . ملڪيت ڪي
ٽي حصا ڪري انهن مان ٻه حصا ملندا

جڏهن ٻه ڌيئون هجن يا ٻن کان وڌيڪ هجن ۽
پٽ نه هجي ته ان ٽن مان ٻن حصن ڪي پاڻ ۾
برابر تقسيم ڪنديون ، يا ماء پيءُ طرفان سڳيون
ڀيڻيون هجن

يا فقط پيءُ طرفان ڀيڻيون هجن ۽ ڀاء نه هجين

5_ ثلث ؛ يعني ٽيون حصو ، ملڪيت جا ٽي
حصا ڪري انهن مان هڪ حصو

جيڪو ماء کي ملندو جڏهن مرڻ واري کي اولاد
نه هجي يا اولاد جي ڪا اولاد نه هجي ۽ مرڻ
واري جو ڪو ڀاء ڀه نه هجي .

يا ماء طرفان ڀاء هجن يا ڀيڻيون هجن انهن کي
ٽيون حصو ملندو

6_ سدس ؛ يعني ڇهون حصو مطلب مال جا ڇهه حصا ڪبا جن مان هڪ حصو ڇهون حصو ٿيندو .

جيڪو ماءِ پي منجهان هر هڪ کي ملندو اگر مرڻ واري جي اولاد هجي يا اولاد جي ڪا اولاد هجي ، ۽ ماءُ کي ڇهون حصو ملندو جڏهن مرڻ واري جا سڳا ڀائر هجن يا نڳا يعني فقط پيءُ طرفان ڀائر هجن ، يا ٻه يا متي ڀيڻيون هجن

ماءُ طرفان ڀيڻ هجي هڪڙي ڀيڻ هجي يا ٻه ٽي ڀيڻيون هجن.

## ردا

ميراث جي تقسيم جي دوران تقسيم ٿيل مال کان بچيل مال ردا هوندو آهي

### ردا جي مثال

مثال مرڻ واري جي ڪل ملڪيت 30000 روپيه آهي

جنهن جا رشتيدار هڪ ذي ماء ۽ پي آهن

هاڻي اڌ ذي جو يعني 15000 روپيه

ڇهون حصو پئ کي 30000 منجهان جيڪو ڇهون حصو 5000 ٿيندو

۽ ڇهون حصو 5000 ماء جو حصو ٿيندو

-15000-5000-5000= 500030000

5000 باقي بچيا اهي پنج هزار بطور ردا تقسيم ٿيندا

# وارثن جا قسم

قرابت ، ردا، ۽ فرض جي بنياد تي تقسيم پنجن قسمن ۾ ٿيندي

## فقط فرض

1_ ؛ جنهن کي فقط فرض جي بنياد تي حصو ملندو نه قرابت جي بنياد  نه ئي ردا منجهان ملندس اها گهرواري آهي

اگر اولاد نه آهي ته چوٿون حصو ۽ اگر اولاد آهي ته اٺون حصو  ملندس

اگر تقسيم دوران ڪجهه ردا جي طور بچي به ته ٻين وارثن ۾ تقسيم ٿيندو ليڪن ان مان زال کي حصو نه ملندو

## ردا ۾ فرض

2_ جن کي فرض جي بنياد تي ملندو ۽ ان سان گڏ ڪڏهن ردا مان به حصو ملندو

جيئن ماء آهي اگر اولاد آهي ته ڇهون حصو

۽ اگر اولاد نه آهي ۽ مرڻ واري جا ڀائر ۽ ڀيڻيون نه هجن ان صورت ۾ ماء کي ٽيون حصو ملندو ۽ اگر تقسيم مان بچي ته ان صورت ۾ ردا مان به ماء کي حصو ملندو

يا جيئن مرڻ واري عورت آهي ته مڙس کي چوٿون حصو ملندو اگر اولاد آهي ۽ اگر اولاد نه آهي ته مڙس اڌ ڪٽندو

۽ اگر وارث فقط امام وقت آهي ته ان صورت ۾ ردا جي طور تي مڙس اضافي حصو به ڪٽندو

## فرض ۽ قرابت

3_ جيڪي فرض جي بنياد تي حصو ڪٽندا ۽ بعض اوقات قرابت جي ڪري .

جيئن پيءُ آهي اگر اولاد اٿس ته فرض جي بنياد تي حصو ڪٽندو ۽ اگر اولاد نه اٿس ته قرابت جي بنياد تي حصو ڪٽندو،

هڪ ذي هجي يا ٻه ذيئون هجن ۽ انهن جو ڀاء به هجي ته قرابت جي بنياد تي وارث ٿينديون ۽ اگر ڀاء نه هجين ته فرض جي بنياد وارث ٿينديون

ماء پي طرفان سڳيون ڀيڻيون به اگر ڀاء هوندن ته قرابت جي بنياد تي ء اگر ڀاء نه آهي ته فرض جي بنياد تي وارث ٿينديون

## فقط قرابت

4_ جيڪي فقط قرابت جي ذريعي وارث ٿيندا جيئن پٽ آهي ، سڳا ڀائر آهن يا فقط پي طرفان ڀائر آهن ، ڏاڏو، چاچا، ماما آهن

## فقط ولاء (ولي)

5_ جيڪي نه فرض جي بنياد تي ۽ نه ئي قرابت جي بنياد تي وارث ٿيندا بلڪه ولاء جي بنياد تي حصو ڪٽنداجيئن آزاد ڪيل غلام آهي ضامن جريره آهي يا امام وقت آهي .

# وارثن جا طبقات

ميراث ۾ جيڪي رشتيدار حصو ڪٽندا آهن انهن کي ٽن طبقن ۾ ورهايو ويو آهي

پهرين طبقي جي هوندي ٻئي طبقي وارا وارث حصو نه ڪٽي سگهندا

۽ اهڙي نموني ٽين طبقي وارا ٻي طبقي واري جي هوندي حصو نه ڪٽندا

پهريون طبقو ؛ ماء ، پيءُ ، اولاد يعني پٽ ۽ ڌي

۽ ان ڪان بعد اولاد جي اولاد

نوٽ اولاد جي هوندي اولاد جي اولاد کي حصو نه ملندو .

يعني اهو پٽ جيڪو پنهنجي پيءُ جي زندگي ۾ فوت ٿي وڃي ان جي اولاد کي ميراث نه ملندو

ٻيو طبقو ؛ ڏاڏا ، ڏاڏي ، نانا، ناني ، يا ان ڪان مٿي يعني ڏاڏي جو پيءُ يا ڏاڏئ جو پيءُ وغيره

سڳا ڀائر يعني ماء پيءُ جي طرفان ڀاء هجي

يا فقط پي طرفان ياء ڀيڻ هجن يا فقط ماء جي طرفان ياء ڀيڻ هجن

يا ياء ڀيڻ جي اولاد اگر ياء ڀيڻ نه هجن ان صورت ۾ .

ٽيون طبقو ؛ چاچا .ڦڦي، ماما ،ماسي يا انهن کان مٿي مثال پيءُ جا چاچا ماء جا چاچا وغيره اهڙي نموني پيءُ جا ماما ماء جا ماما

يا چاچا ڦڦي ماما ماسي جي اولاد . اگر چاچا ماما نه هجن ته ان صورت ۾ .

# پھريون طبقو

پھرين طبقي ۾ جيڪي رشيدار اچن ٿا اھي ذڪر ڪري آيا آھيون ھاڻي تفصيل بيان ڪنداسين ته انھن وارثن ۾ مال ميراث ڪيئن تقسيم ٿيندو

اسان مثالن جي صورت ۾ بيان ڪنداسين

## وارث فقط پيءُ ھجي

اگر مرڻ واري جي وارثن منجھان صرف پيءُ موجود آھي ته تمام مال قرابت جي بنياد تي ان کي ملندو .

## وارث فقط ماء ھجي

اگر صرف ماء آھي تڏھن به تمام مال انھئ کي ملندو ٽيون حصو فرض جي بنياد تي ۽ باقي ردا جي بنياد تي ملندس

## وارث فقط پيءُ يا ماءُ ۽ مڙس هجي

اگر ماءُ پيءُ منجهان ڪو هڪ هجي ۽ مرڻ واري عورت هجي ۽ مڙس زنده هجيس ته ان صورت ۾ اڌ مال مڙس کي ملندو ۽ باقي ماءُ پيءُ منجهان جيڪو زنده هوندو ان کي ملندو .

## وارث فقط پيءُ يا ماءُ ۽ زال هجي

اگر مرڻ وارو مرد آهي ۽ ماءُ پيءُ منجهان ڪو هڪ زنده آهي ۽ زال به زنده اٿس ته ان صورت ۾ مال جا چار حصا ڪبا چوٿون حصو زال کي ۽ باقي ٽي حصا ماءُ پيءُ منجهان جيڪو زنده آهي ان کي ملندا

اگر پيءُ آهي ته قرابت جي ڪري ۽ اگر ماءُ آهي ته فرض ۽ ردا جي بنياد تي ان کي ٽي حصا ملندا

## وارث پيءُ ماءِبئي ھجنءِ مڙس يا زال ھجي

اگر مرڻ واري جا ماء ۽ پي ٻئي زنده آھن اولاد نه اٿس اگر مرڻ وارو مرد آھي ته زال زنده نه اٿس ۽ اگر مرڻ واري عورت آھي ته مڙس به زنده نه اٿس يعني فقط ماء ۽ پيءُ زنده آھن ان صورت ۾ مال جا ٽي حصا ٿيندا ماء کي ميراث مان ٽيون حصو فرض جي بنياد تي ملندو ۽ باقي به حصا پي کي ملندا

جيئن مرڻ واري جي ملڪيت 75000 آھي ته 25000 ماء کي ۽ 50000 پيءُ کي ملندا

## وارث پيءُ ماء ٻئي ھجن ۽ ڀائر به ھجي

۽ اگر مرڻ واري جا ڀائر يا ڀيٽيون به ھجن ته ان صورت ۾ مال جا ڇھ حصا ٿيندا ڇھون حصو ماء کي ملندو ۽ پنج حصا پيءُ کي ملندا ڀيڻ ۽ ڀائرن کي ڪجھ نه ملندو ان صورت ۾ .

جيئن 75000 کي ڇهن حصن ۾ ورهائبو ته 12500 ڇهون حصو ٿيندو جيڪو ماء کي ملندو 62500 پنج حصا ٿيندا جيڪي پيءُ کي ملندا

## حاجب

نوٽ : فقهي اصطلاح ۾ هن مسئلي ۾ بيان ٿيل پيٽيون ۾ پائرن کي حاجب سڏيو ويو آهي يعني پاڻ کي به حصو نه ملندن ليڪن هنن جي هجڻ سان ماء جو حصو ٽئين کان ڇهين حصي ۾ تبديل ٿي ويندو. بغير حاجب جي ماء کي 75000 مان ٽيون حصو 25000 ملندو

۾ حاجب هجڻ جي صورت ۾ 75000 مان ماء کي ڇهون حصو 12500 ملندو.

## وارث ماء پيءُ ۾ مڙس هجن

اگر ماء پيءُ سان گڏ مرڻ واري عورت هجي ان جو مڙس زنده آهي ته ان صورت ۾ مڙس کي اڌ ملندو .

## اگر حاجب نه هجي

جيئن 75000 جو اڌ 37500 مڙس کي ملندو

۽ 75000 مان ٽيون حصو 25000 ماء کي ۽ باقي 12500 پيء کي ملندا .

## اگر حاجب هجي

جيئن 75000 جو اڌ 37500 مڙس کي ملندو

۽ 75000 مان ڇهون حصو 12500 ماء کي

باقي **25000** پيءُ کي ملندا.

## وارث فقط پيءُ ، ماء ۽ زال هجن

۽ اگر مرڻ وارو مرد آهي ۽ زال زنده اٿس ته زال کي چوٿون حصو ملندو ۽ ماء کي ٽيون حصو اگر حاجب يعني مرڻ واري جا ڀائر ۽ ڀيٽيون نه آهن

جيئن 75000 مان چوٿون حصو 18750 زال کي ملندا

۾ 75000 مان ٽيون حصو ماء کي 25000 فرض جي بنياد تي ملندا ۽ باقي جيڪي بچن ٿا اهي پيءُ کي ملندا جيڪي **31250** ٿين ٿا

**وارث فقط پيءُ ، ماء ، زال ۽پائر پيٽيون هجن**

اگر پائر ۽ پيٽيون زنده اٿس ته ان صورت ۾ ماء کي ڇهون حصو ملندو.

يعني زال کي چوٿون حصو **18750** ملندو 75000 جو ڇهون حصو 12500 ماء کي فرض جي بنياد تي ملندو

باقي بچيل مال **43750** پيءُ کي ملندو

وضاحت ؛ مٿي اسان حجب وارو مسئلو بيان ڪيو آهي ته اگر مرڻ واري جون پيٽيون ۽ پائر آهن ته ان صورت ۾ ماء جو حصو گهٽجي ويندو جيئن گذريل مثال ۾ اگر حجب نه هجن ها ته ماء کي **25000** ملن ها هاڻي انهن جي هجڻ جي صورت ۾ **12500** مليا آهن

## حجب جي لاء ڇهه شرطون آهن

1_ مرڻ واري جو پي زنده هجي ان صورت ۾ پائرن ۽ پيٽين جي هجڻ جي صورت ۾ ماء جو حصو ٽئين مان ڇهون تي ويندو .

2_ پيٽيون گهٽ ۾ گهٽ به هجن يا چار هجن يا هڪ پاء ۽ به پيٽيون هجن .

3_ مرڻ واري جون پيٽيون ماء ۽ پي طرفان سڳيون هجن يا پي طرفان هجن

ماء طرفان پيٽون حجب نٿيون ڪري سگهن

4_ اهي پيٽيون ۽ پائر مرڻ واري جي موت وقت ڇاول هجن ايئن نه جو بعد ۾ ڄمن

5_ اهي پيٽيون يا پائر مسلمان هجن يعني اگر ڪو شخص مسلمان  ٿيو هجي ليڪن پيٽيون ۽ پائر اڃان مسلمان نه ٿيا هجنس ته اهي حجب نه ٿي سگهندا يعني پيٽيون پلي هجن ليڪن ماء کي ٽيون حصو ئي ملندو ڇاڪاڻ ته اهي ڪافر حجب نٿو بڻجي سگهي

6_ اهي پيٽيون يا پائر آزاد هجن غلام نه هجن

نوٽ : اگرچه هي ڇهون نمبر شرط موجوده دور ۾ نٿو پاتو وڃي ليڪن شرعي مسئلي هجڻ ڪري ذڪر ڪيو آهي

## وارث فقط پٽ هجي

اگر مرڻ وري جي وارثن ۾ فقط پٽ هجي ته ان صورت ۾ تمام مال انهي کي ملندو قرابت جي ذريعي

## وارث فقط ڌئ هجي

يا فقط هڪڙي ڌي آهي ته ان صورت ۾ به تمام مال ان کي ملندو اڌ فرض جي بنياد تي ۽ باقي اڌ ردا جي بنياد تي ملندو

## وارث ٻه يا ٽي ياڳهٽا پٽ هجن

يا اگر ٻه پٽ هجن يا ٻن کان وڌيڪ هجن ان صورت ۾ تمام مال انهن جي درميان برابر تقسيم ڪيو ويندو.

## وارث ٻه يا ٽي ياڳهٽيون ڌيئون هجي

اهڙي نموني اگر ٻه يا ٻن کان مٿي ڌيئون هجن ته ان صورت ۾ ٻه مال انهن جي درميان برابر تقسيم ڪيو ويندو

## وارث ٻه يا ٽي ياڳهٽا پٽ ۽ ٻه يا ٽي يا ڳهٽيون ڌيئون هجي

اگر مرڻ ڪي هڪ پٽ ۽ هڪڙي ڌي آهي يا ٻه يا ٽي پٽ ۽ اهڙي نموني ٻه يا ٻن کان مٿي ڌيئون آهن ان صورت ۾ پٽ کي ڌيئن کان ٻيٽو ڏنو ويندو

جيئن اگر ٻه پٽ آهن ۽ ٻه ڌيون آهن ان صورت ٻن پٽن جا ٽيندا 4 حصا ۽ ٻن ڌين جا ٽيندا 2حصا ٽوٽل 6 حصا

هاڻي سڄي مال جا 6 حصا ڪيا ويندا ٻه ٻه پٽن کي ۽ هڪ هڪ ڌيئن کي ملندو.

اهڙي نموني جيترا پٽ هجن انهن جا ٻه ٻه حصا ۽ جيتريون ڌيئون هجن انهن لاء هڪ هڪ حصو ڏيندو .

مثال؛ 4 پٽ آهن 3 ڌيون ته پٽن جا ڏيندا 8 حصا ۽ ڌيئن جا 3 حصا ٽوٽل 11 حصا ڪبا ٻه ٻه پٽن کي باقي هڪ هڪ ڌيئن کي ملندو.

## وارث ماء يا پي منجهان ڪو هڪ ۽ چند ڌيئون هجن

اگر ميت جو وارث ماء يا پيء منجهان ڪو هڪ ۽ چند ڌيئون هجن ته ان صورت ۾ مال جا پنج حصا ڪيا ويندا انهن مان هڪ حصو ماء پي منجهان جيڪو زنده آهي ان کي باقي چار حصا ڌيئن ۾ برابر تقسيم ڏيندا .

مثال مرڻ وري جي ملڪيت 100،000 روپيه آهي ۽ وارثن ۾ ماء ۽ ٻه ڌيون آهن ته هاڻي

20،000ماء کي ۽ 40،000 هزار هڪ ڏي کي ۽ 40،000 ٻي ڏئ کي ملندا .

اهڙي نموني اگر ڏيئون وڏيڪ هجن ته انهن 80،000 کي انهن ۾ برابر تقسيم ڪيو ويندو.

## ٻيو طبقو

جيڪي رشتيدار ماء، ڀي ، اولاد ۽ اولاد جي اولاد به نه هجڻ جي صورت ۾ يعني طبقه اول مان ڪو به نه هجي ان صورت ۾ ٻي طبقي وارا ميراث پائيندا

اهي ٻي طبقي وارا هي آهن ڏاڏو،ڏاڏي،نانو،ناني،ڀاء ڀيڻون ۽ اگر ڀاء ڀيڻ فوت ٿيل هجن ۽ انهن جي اولاد هجي ته ان فوت ٿيل جي حصي جو وارث ٿيندي.

## وارث فقط هڪ ڀاء يا هڪ ڀيڻ هجي

اگر ميت جو وارث هڪ ڀاء يا هڪ ڀيڻ هجي ته سڀ مال ان کي ملندو ۽ اگر چند سڳا ڀائر هجن ته مال انهن ۾ برابر تقسيم ٿيندو

## وارث چند سڳيون ڀيٽيون هجن

يا وري چند سڳيون ڀيٽيون هجن ته انهن ۾ به برابر تقسيم ٿيندو

## اگر وارث سڳا ڀائر به هجن ۽ سڳيون ڀيٽيون به هجن

۽ اگر وارث سڳا ڀائر به هجن ۽ سڳيون ڀيٽيون به هجن ته ان صورت ۾ ڀائرن کي ڀيڻ کان ٻيڻون ملندو

(جيئن اسان پٽن ۽ ڌين جي درميان جي تقسيم ۾ وضاحت سان بيان ڪري آياسين بلڪل اهڙي نموني هتي به تقسيم ٿيندو)

مثال اگر مرڻ واري جا ٻه ڀائر ۽ هڪڙي ڀيڻ هجي ته ان صورت ۾ مال جا پنج حصا ڪبا

ٻه ٻه حصا ڀائرن کي ۽ هڪ حصو ڀيڻ کي ملندو.

## جڏهن سڳا ۽ ويڳا ڀائر ڀئي هجن

اگر مرڻ واري جا سڳا( جيڪي هڪ ماء پي منجهان هجن ) ڀائر موجود هجن ته ويڳا ڀائر ( جن جو پي هڪ هجي ۽ ماء الڳ هجي ) ميراث ۾ حصيدار نه هوندا .

## وارث فقط هڪ ويڳو (پي جي طرفان) ڀاء هجي

اگر مرڻ واري جا سڳا ڀاء نه هجن فقط هڪ ويڳو (پي جي طرفان) ڀاء هجي يا هڪ ويڳي( پي جي طرفان) ڀيڻ هجي ته ان وقت سڀ مال ان کي ملندو

۽ اگر ڪجهه ويڳا (پي طرفان) ڀائر هجن ته ملڪيت انهن جي درميان برابر تقسيم ٿيندو

## وارث ويڳا ڀائر ۽ ڀيڻيون هجن

۽ اگر ان جا ڪجهه ويڳا (ڀي طرفان)ڀائر هجن يا ڪجهه ويڳيون(ڀي طرفان ) ڀيڻيون هجن ته ڀائرن کي ڀيڻن کان ٻيڻو ملندو

## وارث هڪ مادري ڀاء يا هڪڙي مادري ڀيڻ هجي

اگر مرڻ واري جو هڪ مادري ڀاء (ماء هڪ هجي ڀي الڳ هجي)يا هڪ مادري ڀيڻ(ماء هڪ هجي ڀي الڳ هجي) ته سڄي ملڪيت ان کي ملندو

## هڪ کان ذيڪ مادري ڀائر هجن

اگر هڪ کان ذيڪ مادري ڀائر هجن ته ملڪيت انهن جي درميان برابر تقسيم ٿيندو

## وارث سڳو ڀائر يا ڀيڻ، ويڳو ڀاء يا ڀيڻ ۽ مادري ڀاء يا ڀيڻ به هجن

اگر مرڻ واري جا سڳا ڀائر به هجن يعني هڪ ماء پي منجهان ۽ هڪ ويڳو ڀاءيا ڀيڻ يعني صرف پي طرفان ڀائر هجن ۽ ان سان گڏ هڪ مادري ڀائر يا ڀيڻ يعني ماء هڪ هجين

ان صورت ۾ ويڳو ڀاء يا ڀيڻ يعني جيڪو فقط پي طرفان هڪ هجي ان کي حصو نه ملندو

هاڻي ان صورت ۾ ملڪيت جا ڇهه حصا ٿيندا هڪ حصو مادري ڀاء يا مادري ڀيڻ کي ملندو باقي پنج حصا سڳن ڀائرن ۽ ڀيڻين ۾ تقسيم ٿيندا اهڙي نموني جو هر ڀاء کي ڀيڻن کان ٻيڻو حصو ملندو.

مثال ملڪيت آهي 60 هزار هاڻي ڇهون حصو مطلب ڏهه هزار مادي ڀاء يا ڀيڻ کي باقي 50 هزار سڳن ڀائرن ۽ ڀيڻن ۾ تقسيم ٿيندو اگر به ڀاء هڪ

پيڻ آهي ته هر هڪ ياء کي 20 هزار ۽ پيڻ کي ڏھ هزار ملندا .

## سڳا يائر ۽ پيٽيون هجن ان سان گڏ ويڳا يائر ۽ پيٽيون هجن ۽ مادري يائر ۽ پيٽون به هجن

اگر مرڻ واري جا سڳا يائر ۽ پيٽيون هجن ان سان گڏ ويڳا يائر ۽ پيٽيون هجن ۽ مادري يائر ۽ پيٽون به هجن ان صورت ۾ ويڳن يائرن ۽ پيٽين کي حصو نه ملندوک

هاٽي ملڪيت جا ٽي حصا ڪيا ويندا جن مان هڪ حصو مادري يائر ۽ پيٽيون پاڻ ۾ تقسيم ڪندا اهڙي نموني جو يائرن کي پيٽين کان ٻيٽو حصو ملندو

۽ باقي ٻه حصا سڳن يائرن ۽ پيٽين ۾ تقسيم ٿيندا هر ياء کي پيٽين کان ٻيٽو حصو ملندو

## وارث سڳا ڀائر نه آهن صرف ويڳا ڀائر يا ڀيڻيون هجن

هاڻي مرڻ واري جا سڳا ڀائر نه آهن صرف ويڳا ڀائر يا ڀيڻيون آهن

۽ ان سان گڏ هڪ مادري ڀاء يا ڀيڻ آهي

هاڻي ان صورت ۾ مال کي ڇهن حصن ۾ تقسيم ڪبو ان مان هڪ حصو مادري ڀاء يا ڀيڻ کي ملندو باقي پنج حصا ويڳن ڀائرن ۽ ڀيڻين ۾ قاعدي مطابق يعني هر ڀاء کي ڀيڻين جي مقابلي ۾ ٻيڻو حصو ملندو.

## وارث چند ويڳا ڀائر ۽ ڀيڻيون هجن ۽ چند مادري ڀائر ۽ ڀيڻيون هجن

اگر مرڻ واري جا وارث چند ويڳا ڀائر ۽ ڀيڻيون هجن ۽ چند مادري ڀائر ۽ ڀيڻيون هجن

ان صورت ۾ مال ٽن حصن ۾ تقسيم ٿيندو هڪ حصو مادري ڀائرن ۽ ڀيڻين جي وچ ۾ تقسيم ٿيندو

باقي به حصا ويڳا ڀائر ۽ ڀيٽيون پاڻ ۾ تقسيم ڪنداڪ

## جڏهن وارث ڀائٽا يا ڀائٽيون۽ ڀاڻجا يا ڀاڻجيون هجن

اگر مرڻ واري جا ڀائر ۽ ڀيٽيون نه هجن ان صورت ۾ ان جي مليڪت انهن جي اولاد يعني ڀائٽرن ۽ ڀاڻجن جي درميان تقسيم ٿيندي.

## سڳا ڀائٽا يا ڀاڻجا

اها اولاد(ڀائٽا ۽ ڀاڻجا) اگر سڳي ڀاء يا سڳي ڀيڻ مان آهن ته انهن کي اهو حصو جيڪ هنن جي پي کي ملي ها اهو ملندو جنهن جو ذڪر گذريل مسئلي ۾ ٿي چڪو آهي.

## مادري ڀاء يا ڀيڻ جي اولاد

۽ اگر اها اولاد مادري ڀاء يا ڀيڻ مان آهي انهن کي به اهو حصو ملندو جيڪو هنن جي پي کي يا ماء کي ملي ها .

وضاحت:  سڳن ڀائرن ۽ مادري ڀائرن جي درميان مال جا ٽي حصا ٿين ٿا ٻه حصا سڳي ڀاء ڀيڻن کي

هڪ حصو  مادري ڀاء ڀيڻين کي ملندوآهي

هاڻي ساڳي ريت ٽي حصا ڪبا ٻه حصا سڳي ڀاء ڀيڻن جي اولاد کي ۽  هڪ حصو مادري ڀاء ڀيڻ جي اولاد کي.

۽ اها اولاد پاڻ ۾ جيڪو ڀاء ۽ ڀيڻ جي تقسيم بيان ٿيو ان مطابق  مطلب ڀاء کي ڀيڻ جي نسب ٻيڻو ملندو .

مرجع ديني آية الله العظمیٰ السيد سيستاني دالم ظله الوارف جي نزديڪ

مادري ڀاء ڀيڻ جي اولاد مليل حصو پاڻ ۾ برابر تقسيم ڪندا يعني  هاڻِي ڀاء کي ٻه حصا ۽ ڀيڻ کي هڪ حصو نه بلڪه جيڪو آهي اهو برابر ملندو مثال اگر انهن کي 20 هزار حصي ۾ اچن ٿا ۽ ٻه ڀاء ۽ ٻه ڀيڻيون آهن جيڪي مرن واري جا

مادري ڀائٽرا ۽ ڀاڻجا ڏيندا پنج پنج هزار برابر ڪٽندا سڀ

## ويڳن ڀائرن جي پٽن ۽ ڌيئن جو حصو

۽ جيڪو حصو ويڳن ڀائرن کي ملي پيو يعني جيڪي ٻي طرفا ڀائر آهن اهو حصو ويڳي ڀاء ڀيٽن جي اولاد کي ملندو ۽ اهي به پاڻ ۾ برابر تقسيم ڪندا .

## وارث اڪيلو ڏاڏو آهي يا ڏاڏي آهي يا صرف اڪليو نانو آهي يا ناني هجي

اگر مرڻ واري جي اولاد نه هجي ۽ اولاد جي اولاد مان به نه هجي ته ان صورت ۾

اگر صرف اڪيلو ڏاڏو آهي يا صرف اڪيلي ڏاڏي آهي يا صرف اڪليو نانو آهي يا صرف اڪيلي ناني آهي ته تمام ملڪيت انهن کي ملندي

## پڙ ڏاڏي ۽ پڙ ناني جو حصو

اگر مرڻ واري جو ڏاڏو يا نانو زنده آهي ته مرڻ واري جي ملڪيت ڏاڏي جي پيءُ يا ناني جي پيءُ مطلب پڙ ڏاڏي يا پڙناني کي نه ملندي .

## وارث ڏاڏو ۽ ڏاڏي ٻئي زنده هجن

اگر مرڻ واري جو ڏاڏو ۽ ڏاڏي ٻئي زنده آهن ته ملڪيت جا ٽي حصا ٿيندا ٻه حصا ڏاڏو ڪٽندو ۽ هڪ حصو ڏاڏي کي ملندو.

## وارث نانو ۽ ناني زنده هجن

ليڪن اگر نانو ۽ ناني زنده آهن يعني ڏاڏو ڏاڏي نه آهن ته صورت ۾ نانو ناني پاڻ ۾ برابر تقسيم ڪندا هاڻي ٽي حصا نه ٿيندا .

## وارث ڏاڏو ڏاڏي نانو ناني سڀ زنده هجن

اگر مرڻ جو ڏاڏو، ڏاڏي ،نانو ۽ ناني سڀ زنده آهن ته ملڪيت ٽن حصن ۾ تقسيم ٿيندو ٻه

حصا ڏاڏو ۽ ڏاڏي کي هڪ حصو نانو ۽ ناني کي ملندو.

هاڻي ڏاڏو ۽ ڏاڏي پنهنجي حصي کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪندا به حصا ڏاڏو ڪٽندو ۽ هڪ حصو ڏاڏي کي ملندو.

۽ هڪ حصو جيڪو نانو ۽ ناني کي ملندو اهي پاڻ ۾ برابر تقسيم ڪندا

**وارث ياء ۽ پيٽيون آهن ۽ ان سان گڏ زال به زنده اٿس**

اگر مرڻ واري جا وارث ياء ۽ پيٽيون آهن ۽ ان سان گڏ زال به زنده اٿس يعني اولاد نه اٿس نه اولاد جي اولاد اٿس.

ان صوت ۾ چوٿون حصو زال کي ۽ باقي پيڻ يائرن کي ملندو، جيئن اگر هڪ لک روپيه ميراث آهي ته 25 هزار زال کي ۽ 75 هزار پيڻ يائرن کي ملندو

يائر ۽ پيٽيون اهڙي نموني تقسيم ڪندا جو هر ياء کي پيڻ کان ٻيڻو حصو ملندو.

## جن شين مان زال کي حصو يا ميراث نه ملندو

نوٽ: گهر جي زمين ،باغ،زرعي زمينون مثال ٻني وغيره مان زال کي ڪو حصو نه ملندو .

## جن شين مان زال کي حصو ميراث ملندو

باقي انهن زمين ۾ ان وقت موجود فصل،وڻ يا گهر جي عمارت وغيره مان حصو ملندو ليڪن انهن جي ٻه صرف قيمت ملندي ايئن نه آهي ته چئن يتن مان هڪ يت ملندس بلڪه ان جي قيمت ملندس.

ليڪن اگر مڙس جي مرڻ وقت باغ ۾ ياگهر ۾ جيڪي وڻ آهن انهن جي فل يعني فروٽ مان حصو ملندس پلي پوء فروٽ ئي ڪٽي ليڪن وڻن جي قيمت ملندس وڻ نه ملندس.

## وارث مڙس ۽ پيٽيون ۽ پائر به هجن

اگر مرڻ واري عورت هجي ۽ مڙس به زنده هجيس ۽ پيٽون ۽ پائر به هجن ته ان صورت ۾ اڌ ملڪيت مڙس کي ملندي باقي اڌ پيڻ ياء قاعدي مطابق تقسيم ڪندا .

اگر مرڻ واري جا پائر سڳا ، ۽ مادري ياء پيڻ آهن

## وارث زال ۽ پيٽون ۽ پائر به هجن

ته مرڻ وارو مڙس هجي يا زال هجي ان جي حصي کان بعد جيڪو پائرن کي حصو ملندو ان مان مادري پيڻ ياء جي حصي۾ ڪمي نه ايندي البته سڳي ياء پيٽين جي حصي ۾ ڪمي ايندي

جيئن مثال مرڻ واري عورت آهي مڙس به زنده اٿس ۽ سڳا پيڻ پائر ۽ مادري پيڻ ياۀ اٿس ته اڌ مڙس کي ملندو ۽ اصل ملڪيت جو ٽيون حصو مادري پيڻ پائرن کي باقي جيڪو بچي سڳن پيڻ پائرن کي

مثال ملڪيت 60 هزار آهي ان جو اڌ ٽيندو 30 هزار ٽيون حصو ٽيندو 20هزار

هاڻي 30 هزار مڙس کي 20 هزار مادري ڀيڻ ڀاء کي باقي جيڪو 10 هزار بچندو سڳن ڀيڻ ڀائرن کي ملندو.

## ڀائر، ڀيڻون، ڏاڏو، ڏاڏي يا نانو ناني به گڏ هجن

ڀائر، ڀيڻون ان سان گڏ ڏاڏو، ڏاڏي يا نانو ناني به گڏ هجن ته ان صورت ۾ تقسيم جون ڪجھ صورتون ٿهنديون

## نانو ۽ ناني سان گڏ ڀاء ڀيڻ سڀ مادري هجن

صورت1؛ نانو ۽ ناني سان گڏ ڀاء ڀيڻ سڀ مادري هجن يعني سڳا ڀيڻ ڀاء يا ويڳا جيڪي فقط پي طرفان هوندا آهن اهي نه هجن صرف مادري هجن ته ان صورت ۾ مال انهن سيني جي درميان يعني نانو ناني ڀائر ڀيڻون سيني کي برابر حصو ملندو.

## وارث ڏاڏو ،ڏاڏي ۽ ان سان گڏ ويڳا ڀائرهجن

صورت2؛ ڏاڏو ،ڏاڏي ۽ ان سان گڏ ويڳا ڀائر يعني جيڪي ڀي طرفان ڀائر هجن ان صورت ۾ ٻه ملڪيت انهن جي درميان برابر تقسيم ٿيندي

ان شرط سان ته سڀ مرد هجن يا سڀ عورتون هجن .

۽ اگر مرد ۽ عورت ٻئي هجن ته مردن کي ٻيڻون حصو ملندو

مثال ڏاڏو ٻه آهي ڀاء ٻه آهي ڏاڏي ٻه آهي ڀيڻون ٻه آهن هاڻي ڏاڏو ۽ ڀائر ٻه ٻه حصا ڪٽندا ۽ ڏاڏي ۽ ڀيڻون هڪ هڪ حصو ڪٽنديون

**وارث ڏاڏو يا ڏاڏي هجن ۽ سڳا ڀائر يا سڳيون ڀيڻيون هجن**

صورت3؛ اگر مرڻ واري جا وارث ڏاڏو يا ڏاڏي هجن ۽ سڳا ڀائر يا سڳيون ڀيڻيون هجن ته ان صورت ۾ ٻه مال سيني ۾ برابر تقسيم ٿيندو.

## اگر سڱن ڀائرن سان گڏ ويڇا ڀائر هجن

هاڻي اگر انهن سڱن ڀائرن سان گڏ ويڇا ڀائر جيڪي صرف پيءُ طرفان هجن اهي به گڏجن ته ان صورت ۾ سڱي ڀائرن جي هوندي ويڇن ڀائرن کي حصو نه ملندو

## اگر ڏاڏا يا ڏاڏي زنده هجن ۽ مادري ڀاء به هجن

صورت4؛ اگر ڏاڏا يا ڏاڏي زنده هجن ۽ مادري ڀاء به هجي

هاڻي اگر هڪ ڀاء آهي ته ملڪيت جا ڇهه حصا ٿيندا ۽ انهن امن هڪ حصو ان مادري ڀاءُ کي ملندو

۽ اگر مادري ڀاء هڪ نه هجي بلڪه ٻه يا ٽي هجن يا وري ان کان مٿي هجن ان صورت ۾ مال جا ٽي حصا ڪبا ٽيون حصو انهن مادري ڀائرن ۾ برابر تقسيم ٿيندو

۽ باقي جيڪو بچندو اهو ڏاڏو ۽ ڏاڏي منجهان جيڪو زنده آهي ان کي ملندو

اگر ڏاڏو ۽ ڏاڏي ٻئي زنده آهن ته پاڻ ۾ تقسيم ڪندا اهڙي ريت جو ڏاڏو ٻه حصا ڪٽندو ۽ ڏاڏي هڪ حصو ڪٽندي

## ڀائرن ۽ ڀيڻين جي هوندي ڀائرن ۽ ڀيڻين جي اولاد

اگر مرڻ واري جا ڀيڻ ڀاء آهن ته  ڀاء ۽ ڀيڻ جي اولاد کي حصو نه ملندو

جيئن هڪ شخص کي اگر ٽي ڀاء هئا هڪ ڀيڻ هڪ ڀاء ان جي زندگي ۾ فوت ٿي ويو مرڻ واري جي مرڻ وقت سندس ٻه ڀاء باقي هئا ۽ هڪ ڀيڻ باقي هجي

## جيڪو ڀاء يا ڀيڻ مرڻ واري جي زندگي ۾ مري وڃي ان جي اولاد جو حصو

هاڻي جيڪو ڀاء ان جي زندگي ۾ مري ويو ان جي اولاد مرڻ واري جا ملڪيت ۾ حصيدار نه آهي

صرف جيڪي ٻه ڀاء هڪ ڀيڻ مرڻ واري جي مرڻ وقت زنده هئا انهن جو حصو ٿيندو.

## مئل ڀاء يا ڀيڻ جي اولاد کي حصو ملندو ھن صورت ۾

ها هڪ صورت آهي

ته اگر ان ڀاءُ جي اولاد کي حصو ڏيڻ سان جيڪي زنده ڀائر يا ڀيٽيون آهن ان وقت انهن جي حصي مان نه ٽڪرائجي ته انهن کي حصو ملي سگهي ٿو.

جيئن مثال اگر مرڻ واري جو ويڳو ڀاء يعني پي طرفان ڀاء هجي ۽ نانو به هجي

ته ويڳي ڀاء کي ميراث مان به حصا ملندا هڪ حصو نانو کٽندو.

هاڻي اگر ان صورت ۾ جيڪو ڀاء مري ويو اهو ڀاء مادري هيو يعني ماء طرفان ڀاء هيو ته ان جي اولاد کي حصو ملندو چاڪاڻ ته ان جو حصو ويڳي ڀاء جي حصي مان نه ڪٽبو بلڪه جيڪو نانو حصو ڪٽي پيو هي مادري ڀاء جو پٽ ان ناني

جي حصي مان اڌ ڪٽندو لهذا ياء جي حصي مان نتو تڪرائي ان صورت ۾ مئل ياء جي اولاد کي حصو ملندو .

# ٽيون طبقو

ٽين طبقي ۾ چاچا ، ماما يا انهن کان مٿي مثال پيءُ جا چاچا ماء جا چاچا وغيره اهڙي نموني پيءُ جا ماما ماء جا ماما

يا چاچا ماما جي اولاد . اگر چاچا ماما نه هجن ته ان صورت ۾ .

ياد رهي ته ٽيون طبقو تڏهن وارث ٿيندو جڏهن پهرين طبقي مان ڪير نه هجي مثال ماء پي يا اولاد يا وري اولاد جي اولاد

۽ ٻي طبقي مان به ڪير نه هجي جيئن ڏاڏو ڏاڏي نانو ناني ڀائر ڀيٽيون يا ڀائر ۽ ڀيٽين جي اولاد ان صورت م جڏهن ڀائر ۽ ڀيٽيون نه هجن

هاڻي جڏهن هنن ٻن گذريل گروهن مان ڪير به نه آهي ته هي ٽين گروه وارا رشتيدار وارث ٿيندا

## وارث فقط هڪ چاچو يا هڪڙي ڦڦي هجي

اگر مرڻ واري جو وارث فقط هڪ چاچو يا هڪڙي ڦڦي هجي چاهي اهي سڳا هجن (يعني چاچو هن مرڻ واري جي پيءُ جو سڳو ڀاء يا سڳي ڀيڻ هجي پيءُ ۽ ماء طرفان)

يا اهو چاچو يا ڦڦي ويڳا هجن (يعني اهو چاچو يا ڦڦي هن جي پيءُ جو ويڳو ڀاءيا ويڳي ڀيڻ هجي مطلب پي هڪ هجيس ۽ ماء الڳ هجين)

يا وري اهو چاچو يا ڦڦي مادري هجن (يعني مرڻ واري جي پيءُ جو مادري ڀاء يا مادري ڀيڻ هجي يعني مرڻ واري جي ماء ۽ ان چاچي جي ماء هڪ هجي پيءُ الڳ هجن)

مطلب انهن ٽنهن مان ڪو به هڪ هوندو

انهن تمام صورتن ۾ اڪيلو چاچو وارث ٿيندو يا اڪيلي ڦڦي وارث ٿيندي سڄي ملڪيت انهيءَ کي ملندي

## وارث چند چاچا يا چند ڦقيون هجن

اگر مرڻ واري جا وارث چند چاچا يا چند ڦقيون هجن سب سڳا هجن يا سب ويڳا هجن يا سب مادري هجن

ته ملڪيت انهن جي درميان برابر تقسيم ٿيندي

۽ اگر چاچا به هجن ۽ ڦقيون به هجن ته ان صورت ۾ پوري ملڪيت انهن جي درميان اهڙي ريت تقسيم ٿيندي جو چاچا به به حصا ڪٽندا ۽ ڦقيون هڪ هڪ حصو ملندو

جيئن پيڻ ڀاء جي درميان وراثت ۾ اسان قاعدو بيان ڪري آيا آهيون

## وارث چند سڳا ۽ ويڳا ۽ مادري چاچا هجن ۽ اهڙي ريت چند سڳيون "ويڳيون ۽ مادري قڦيون هجن

اگر مرڻ واري جا وارث چند چاچا هجن ۽ چند قڦيون هجن ۽ انهن مان ڪجهه سڳا هجن ڪجهه ويڳا هجن ۽ ڪجهه وري مادري هجن

## سڳا ۽ ويڳا چاچا يا قڦيون گڏجن

اگر سڳا چاچا يا سڳيون قڦيون آهن ته ان صورت ۾ ويڳن چاچن يا ويڳين قڦين کي ميراث نه ملندو

## چند سڳا چاچا يا قڦيون ۽ هڪ مادري چاچو يا قڦي گڏجن

چند سڳا چاچا يا سڳيون قڦيون ۽ ان سان گڏ هڪ مادري چاچو ۽ مادري قڦي آهي ته ان صورت ۾ مال جا ڇهه حصا ٿيندا ته هڪ حصو مادري چاچو ۽ مادري قڦي کي ملندو باقي پنج حصا سڳن چاچن يا قڦين کي ملندا

## چند ويڳا چاچا يا ڦڦيون ۽ هڪ مادري چاچو يا ڦڦي گڏجن

اگر مرڻ واري جا وارث سڳا چاچا يا ڦڦيون نه هجن بلڪه ويڳا چاچا يا ويڳيون ڦڦيون هجن ۽ ان سان گڏ هڪ مادري چاچو هڪ مادري ڦڦي هجي ته ان صورت ۾ به مال جا ڇهه حصا ٺيندا هڪ مادري چاچو يا مادري ڦڦي کي ۽ باقي پنج حصا ويڳن چاچن ۽ ويڳين ڦڦين کي ملندا

## وارث سڳا چاچا هجن ۽ انهن سان گڏ چند مادري چاچا ۽ ڦڦيون هجن

## ۽ اگر سڳا چاچا نه هجن ته ويڳا چاچا ۽ انهن سان گڏ چند مادري چاچا يا ڦڦيون هجن

اگر مارڻ واري جا چند سڳا چاچا يا ڦڦيون هجن اگر سڳا نه آهي ته چند ويڳا چاچا يا ويڳيون ڦڦيون هجن

۽ ان سان گڏ چند مادري چاچا يا ڦڦيون هجن

ته ان صورت ۾ ملڪيت ڪي ٽن حصن ۾ ورهايو ويندو به حصا سڳن چاچن يا ڦقين کي ملندا اگر اُهي نه آهن ته پوء ويڳن چاچن ۽ ڦقين کي ملندا اگر سڳا آهن ته بيان ڪري آيا آهيون ويڳن چاچن کي نه ملندو

هاڻي اگر سڳا چاچا نه آهن ته اهي به حصا ويڳن چاچن يا ڦقين کي ۽ باقي هڪ حصو مادري چاچن ۽ ڦقين کي ملندو

**چند سڳا چاچا يا ڦقيون يا ويڳا چاچا يا ڦقيون يا مادري چاچا يا ڦقيون هجن**

اگر مرڻ واري جا وارث صرف چند سڳا چاچا آهن يا سڳا چاچا نه بلڪه چند سڳيون ڦقيون آهن

يا وري صرف چند ويڳا چاچا آهن يا وري صرف چند ويڳيون ڦقيون آهن

يا وري صرف چند مادري چاچا آهن يا مادري چاچا نه آهن صرف چند مادري ڦقيون آهن

انهن سيني صورتن ۾ ملڪيت انهن جي درميان باڙابر تقسيم ٿيندي

مثال  آهن ئي ٽي سڳا چاچا تڏهن به سڀ مال انهن ٽن ۾ برابر تقسيم ٿيندو يا اهڙي ريت چند سڳيون ڦقيون آهن چاچا نه آهن ته مان انهن جي درميان برابر تقسيم ٿيندو

بلڪل ساڳي طرح اگر صرف ويڳا چاچا آهن تڏهن ملڪيت انهن م برابر تقسيم ٿيندو

ۦ مادري چاچا هجن يا اهي نه هجن ته مادري ڦقيون هجن تڏهن به مال انهن ۾ برابر تقسيم ٿيندو

## اگر وارث چاچن سان گڏ ڦقيون به هجن

وارث اگر چاچن سان گڏ ڦقيون به هجن

چاهي سڳيو ڦقيون سڳن چاچن سان گڏ وارث هجن

يا ويڪيون ڦقيون ويڪن چاچن سان گڏ وارث هجن

يا مادري ڦقيون مادري چاچن سان گڏ وارث هجن

انهن تمام صورتن ۾ چاچن جو حصو ڦقين کان ٻيڻو ٿيندو

## وارث فقط هڪ مامو هجي يا فقط هڪڙي ماسي هجي

اگر مرڻ واري جو وارث فقط هڪ مامو هجي يا فقط هڪڙي ماسي هجي ته ان صورت ۾ تمام مال انهي کي ملندو

## وارث مامو ۽ ان سان گڏ ماسي به هجي

۽ اگر وارث مامو به هجي ۽ ان سان گڏ ماسي به هجي ۽ ٻئي سڳا هجن يا ٻئي ويڳا هجن ته مامو ماسي کان ٻيڻو حصو ڪٽندو

**سڳا ماما سڳيون ماسيون يا ويڳا ماما يا ويڳيون ماسيون هجنۧ مادري ماما ماسيون به هجن**

اگر مرڻ واري جا وارث هڪ يا چند سڳا ماما ۽ ماسيون هجن

۽ انهن سان گڏ چند ويڳا ماما ۽ ماسيون هجن

۽ ان سان گڏ هڪ يا چند مادري ماما يا ماسيون هجن

انهن صورتن ۾ اگر سڳا ماما ۽ ماسيون هجن ته ويڳن مامن ۽ ماسين کي حصو نه ملڻ

مرجع ديني آية الله العظمیٰ السيد سيستاني دام ظله الوارف جي نزديڪ

مورد اشڪال آهي

مرجع ديني آية الله العظمیٰ الشيخ بشير حسين النجفي دام ظله الوارف جي نزديڪ

سڳن مامن ۽ ماسين جي هوندي ويڳن مامن ۽ ماسين کي حصو نه ملندو.

## سڳن مان يا مسين سان گڏ هڪ مادري مامو يا ماسي هجي

اگر سڳن مامن سان يا ماسين سان گڏ هڪ مادري مامو يا هڪڙي مادري ماسي هجي ته ملڪيت کي ڇهن حصن ۾ تقسيم ڪري هڪ حصو مادري مامي يا ماسي کي ملندو ۽ پنج حصا سڳن مامن ۽ ماسين کي ملندا

## اگر سڳن مامن ۽ ماسين سان گڏ چند مادري ماما ۽ ماسيون هجن

۽ اگر مادري ماما چند هجن ۽ چند مادري ماسيون به هجن ته مال کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويندو هڪ حصو مادري مامن ۽ ماسين کي باقي به حصا سڳن مامن ۽ ماسين کي ملندو

ان ۾ ياد رکڻ گهرجي ته مامن کي ماسين کا ٻيڻو حصو ملندو

## وارث چاچا، ڦُڦيون ۽ ماما ، ماسيون سڀ هجن

اگر مرڻ واري جا وارث هڪ مامو هجي يا چند ماما هجن ۽ هڪڙي ماسي هجي يا چند ماسيون هجن

۽ ان سان گڏ هڪ چاچو هجي يا چند چاچاهجن هڪڙي ڦڦي هجي يا ان سان گڏ چند ڦڦيون هجن

ان صورت ۾ ملڪيت ٽن حصن ۾ تقسيم ڪئي ويندي

هڪ حصو مامن ۽ ڦڦين کي ملندو

۽ ٻه حصا چاچن ۽ ڦڦين کي ڏنا ويندا

ماما ۽ ماسين يا چاچا ۽ ڦڦين جي درميان اهڙي ريت تقسيم ٿيندو جو مرد عورت کان ٻيڻو حصو کٽندو

## وارث چاچا ڦڦي ماما ۽ ماسيون نه هجن بلڪه انهن جي اولاد هجي

اگر مرڻ واري جا وارث چاچا ڦڦي ماما ۽ ماسيون نه هجن ته ان صورت ۾ ملڪيت انهن جي اولادن ۾ تقسيم ٿيندي

ته ملڪيت جا ٽي حصا ڪيا ويندا

ته چاچن ۽ ڦڦين جي اولاد مان جيڪو هجي انهن کي ٻه حصا

۽ مامن ۽ ماسين جي اولاد کي هڪ حصو ملندو

اهي پاڻ ۾ تقسيم ڪندا

## مرڻ واري جي پيءُ جو چاچو، مامو ماسيون ۽ ڦقيون هجن مرڻ واري جي چاچن مامن ڦقين ۽ ماسين جي اولاد به هجي

اگر مرڻ واري جا چاچا ڦقي ماما ۽ ماسيون نه هجن ته انهن جي اولاد مقدم آهي مرڻ واري جي پيءُ جي چاچي يا مامي ڦقين يا ماسين تي .

يعني انهي اولاد جي هوندي پيءُ جي چاچن مامن ڦقين ماسين کي ميراث نه ملندو

## وارث پي ۽ ماء جا چاچا ماما ڦقيون ۽ ماسيون هجن

اگر مرڻ واري جا وارث ان جي پي جا چاچا ،ماما ، ڦقيون ۽ ماسيون هجن

۽ انهن سان گڏ ماء جا چاچا ماما ڦقيون ۽ ماسيون به هجن

ته ان صورت ۾ مال جا ٽي حصا ڪيا ويندا

انهن مان هڪ حصو مرڻ واري جي ماء جي چاچن مامن ڦقين ۽ ماسين کي ملندو اهي پاڻ ۾ تقسيم ڪندا

مرجع ديني آية الله العظمیٰ السيد سيستاني دالم ظله الوارف جي نزديڪ

انهن جو پاڻ ۾ تقسيم ڪرڻ ۾ مرد عورت کان ٻه حصا ڪٽي ان ۾ اختلاف آهي سيد جي مطابق بهتر آهي پاڻ ۾ مصالحت ڪن

مرجع ديني آية الله العظمیٰ الشيخ بشير حسين النجفي دام ظله الوارف جي نزديڪ

پيءُ ماءُ جي چاچن مامن ماسين ۽ ڦقين جي درميان مال برابر تقسيم ٿيندو

۽ ٻه حصا جيڪا باقي بچندا انهن کي وري ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويندو جن مان ٻه حصا پيءُ جي چاچن ۽ ڦقين کي ملندو

۽ هڪ حصو پيءُ جي مامن ۽ ماسين کي ملندو

اهي پاڻ ۾ قائدي مطابق تقسيم ڪندا جيئن مرد
کي ٻه حصا ۽ عورتن کي هڪ حصو ملندو

# زال ۾ مڙس جي ميراث جا احڪام

## مرڻ واري زال کي اولاد نه هجي ته مڙس جو حصو

اگر ڪوئي عورت بي اولاد مري وڃي ته ان جي ملڪيت جو اڌ حصو مڙس کي ملندو ۽ باقي ملڪيت ٻيا رشتيدار پاڻ ۾ انهن قائدن مطابق جيڪي بيان ڪري آيا آهيون انهن مطابق پاڻ ۾ ورهائيندا

مثال اگر مڙس سان گڏ ماء پي آهن اڌ مڙس کي باقي اڌ مان ٻه حصا پي ۽ هڪ حصو ماء کي ملندس

## مرڻ واري زال کي اولاد هجي مڙس جو حصو

۽ اگر ان عورت کي ان مڙس مان يا ڪنهن ٻي مڙس مان مثال پهريان شادي تي اولاد ٿيس پوء طلاق تي هاڻي انهين پهرين مڙس مان اولاد هجيس يا جيڪو مري ويو ان مان اولاد هجيس

اولاد هجڻ جي صورت ۾ مڙس کي چوٿون حصو ملندو ۽ باقي جيڪو بچندو اهو ميراث جي اصولن مطابق وارثن ۾ تقسيم ٿيندو

## مرڻ واري کي اولاد نه هجي ته زال جو حصو

اگر مڙس مري وڃي ۽ ان کي ڪو به اولاد نه هجي ته ان جي ملڪيت جو چوٿون حصو زال کي ملندو ۽ باقي وارث واڻ ۾ تقسيم ڪندا

## مرڻ واري مڙس کي اولاد هجي ته زال جو حصو

۽ اگر مرڻ واري مڙس کي ان زال مان يا ڪنهن ٻي زال مان ڪو اولاد هجي ته ان صورت ۾ زال کي مڪيت مان اٺون حصو ملندو ۽ باقي ٻين رشتيدارن ۾ تقسيم ٿيندو

### زمينن ۽ وٽن ۾ زال جو حصو؛

گهر جي زمين ،باغ،ٻنيون،۽ ٻين زمينن مثال پلاٽ وغيره مان زال کي ميراث نه ملندو نه زمين مان ڪو حصو ملندس نه ئي وري انهن جي قيمت ملندس

ها گهر جي عمارت ، گهر ۾ موجود وٽن مان به عورت ميراث نتي ڪٽي سگهي ليڪن انهن جي قيمت جي صورت ۾ حصو ڪٽندي

مثال اگر مڙس ڪي اولاد نه هيس ته گهر جي عمارت جي قيمت ۽ گهر ۾ موجود وٽن جي قيمت مثال گهر جي عمارت جي قيمت چار لک آهي ۽ گهر ۾ وٽن جي قيمت 40 هزار آهي ته هاڻي ڀنهن مان چوٿون حصو

هڪ لک گهر جي عمارت مان ۽ ڏه هزار وٽن مان چوٿون حصون ٿهندس

هڪ لک ڏه هزار بطور ميراث گهر جي عمارت ۽ گهر ۾ موجود وٽن مان ڪٽندي

ان سان گڏ جي وڻ باغ ۾ يا ڀنين ۾ آهن انهن جو به ساڳيو حڪم آهي يعني انهن جي قيمت ان اگر اولاد نه آهي ته چوٿون حصو اگر مڙس ڪي اولد هجيس ته اٺون حصو ڪٽندي

ليڪن مڙس جي مرڻ وقت وٽن ۾ جيڪو فروٽ وغيره هوندو انهن جي اصل مان حصو ڪٽندي مثال انهن مان 40 مڻ انب لٿا ته هاڻي هتي اگر مڙس کي اولاد نه هيس ته 10 مڻ ۽ اگر مڙس کي اولاد هيس ته 5 مڻ انب حاصل ڪندي

## گهر جي عمارت ۽ وڻن ۾ مان زال جي ميراث

زال کي جن عمارتن يا وڻن جي قيمت بطور ميراث ملندي انهن جي قيمت لڳائڻ جو طريقواهو آهي ته انهن جي اتي بيٺي ڪيتري قيمت آهي

مثال گهر جي قيمت پلاٽ جي قيمت کان علاوه ڪيتري آهي

مثال 2 هزار فٽ آهي ۽ گهر ٺهيل اٿس

هاڻي ان پلاٽ جي قيمت اگر هڪ هزار آهي

۽ گهر جي عمارت سان گڏ به هزار ته هاڻي ان متين هزار مان زال کي حصو ملندو ايئن نه جو ان ۾ حساب ڪجي گهٽيون سرون آهن ڪيترا گادر

آهن انهن جي قيمت هيتري آهي ايئن حساب نه ڏيندو

يا وڻ هجن ته انهن جي ٻيٽي جي قيمت مثال اگر زمين وڪٽجي ته قيمت هيتري ۽ اگر باغ سميت مثال وڻن سميت ته هيتري قيمت

ايئن نه وڻن کي ڪاٽ جي قيمت مثال 500 روپيه مڻ ڪاٽ آهي هيتري قيمت اهو غلط آهي

## زمين ۾ وهندڙ واهه، واٽر ۾ زال جو حصو

زمين ۾ وهندڙ واهه، واٽر وغيره به زمين جي حڪم ۾ آهن يعني انهن مان به زال کي حصو نه ملندو

اهڙي ريت گهر ۾ لڳل سرون لوه وغيره گهر جي عمارت جي حڪم ۾ آهن البته خود پاڻي مان عورت ميراث پائيندي

## ڏاريل جانورن ۾ زال جو حصو

ڏاريل جانورن مان به زال کي ميراث ڏنو ويندو بيان ڪيل طريقي مطابق اگر مڙش کي اولاد نه آهي چوٿون حصو ۽ اگر اولاد آهي ته اٺون حصون ملندس

## اگر زالون ٻه ، ٽي يا چار هجن

اگر مرڻ واري جون هڪ کان وڌيڪ زالون هجن يا ان صورت ۾ اگر مرڻ واري کي اولاد نه هيو ته ملڪيت جو چوٿون حصو انهن م برابر تقسيم ڪيو ويندو

مثال مرڻ واري جي ٽوٽل ملڪيت 80 هزار هيو ته 20 هزار ان جو چوٿون حصو ٿيندو جيڪو زالن جو حصو آهي هاڻي اگر ٻه زالون آهن ته انهن 20 هزارن کي ٻه اڌ ڪنديون ته 10 هزار هڪڙي زال کي حصي ۾ ايندو

۽ اگر زالون چار آهن ته هر هڪ کي 5 هزار حصي ۾ ايندو

يلي انهن مان ڪا زال اهڙي هجي جنهن سان هن همبستري به نه ڪئي هجي صرف نڪاح ٿيل هجي تڏهن به اهو حصو ڪٽڻدي

## جنهن زال کي حصو نه ملندو

ها هڪ صورت ۾ جڏهن مرڻ وارو ان مرض ۾ مبتلا هيو جنهن ۾ هُن جي موت ٿي ان مرض جي دوران اگر ڪنهن عورت سان نڪاح ڪري ۽ همبستري نه ڪئي هجيس ته اها عورت ميراث مان حصو نتي کٽي سگهي نه ئي حق مهر جو حق رکي ٿي

مثال مرڻ وارو مرڻ سال اڳ ڪينسر ۾ مبتلا ٿيو ان کان بعد ڪنهن عورت سان نڪاح ڪئي هجيس ليڪن همبستري نه ڪئي هجيس ته ان بيماري کان بعد واري نڪاح مان جيڪا زال آهي اهو ميراث مان حصي جو حق نتي رکي

## بيمار عورت سان مرد شادي ڪري ۽ اها عورت ان ئي بيماري ۾ مري وڃي

اگر ڪو مرد جنهن عورت سان مرض جي حالت ۾ شادي ڪري يعني اها عورت جنهن بيماري ۾ مبتلا هجي ۽ شادي ڪري هاڻي پلي اهو مڙس هن سان همبستري نه به ڪئي هجي تڏهن به مڙس ان جي ميراث مان حصي جو حقدار آهي

## مڙس زال کي طلاق رجعي ڏئي

اگر مڙس زال کي طلاق رجعي ڏئي

هاڻي عدت کان پهريان اگر اها عورت مري وڃي ته مڙس ان جي ملڪيت مان حصو حاصل ڪندو

۽ اهڙي نموني اگر عدت جي دوران مڙس مري وڃي تڏهن به اها عورت ميراث مان حصو ڪٽندي

ليڪن اگر عدت ختم ٿي وڃي ته زال مڙس هڪ ٻي جا وارث نه ٿيندا

## مڙس زال کي طلاق بائن ڏئي

ليڪن اگر مڙس طلاق بائن ڏئي تو ته ان صورت ۾ اگرچه عدت جي دوران ئي زال ۽ مڙس منجهان ڪو مري وڃي ته ٻيو ان جي ملڪيت ۾ ميراث حاصل نه ڪندو

## طلاق کان بعد به عورت حصو ڪٽندي مگر ڪيئن؟

اگر مڙس زال کي بيماري جي حالت ۾ طلاق ڏئي تو ۽ طلاق کي ٻارنهن اسلامي مهينا پورا نه ٿيا هجن ۽ مڙس مري وڃي

ته ٽن شرطن سان اها زال ميراث ۾ حصو ڪٽندي اگرچه عدت گذري به چڪي هجي

1_ اها عورت ٻي شادي نه ڪئي هجي

2_ طلاق عورت جي مرضي سان نه هجي مثال اگر عورت پاڻ طلاق گهري ۽ مڙس بيماري جي حالت ۾ طلاق ڏئي ۽ ٻارنهن مهينن کان پهريان مڙس مري وڃي تڏهن به اها جنهن مرضي سان

طلاق ورتي هجي اها عورت ان مڙس جي ،ميراث مان حصو نه ڪٽندي

3_مڙس جنهن بيماري جي حالت ۾ طلاق ڏنو هجي ان ئي بيماري ۾ فوت ٿيو هجي

ليڪن اگر ان مرض مان شفا ملي وڃي ۽ ٻي بيماري ۾ فوت ٿي وڃي ته ان صورت ۾ ان عورت کي ڪو حصو نه ملندو

# ميراث جا مختلف مسئلا

## پٽ جو قرآن مجيد،تلوار،منديءَ ڪپڙا

پٽ جي مرڻ کان پوءِ ان جو قرآن مجيد،تلوار،منديءَ ڪپڙا جيڪي پاڻ هجن يا هن پائڻ لاءِ تيار ڪري رکيا هجن اهي سڀ وڏي پٽ کي ملندا

ليڪن اگر قرآن مجيد، تلوار ۽ مندي منجهان ڪا به شي هڪ کان متي هجي مثال قرآن جا به نسخا هجن يا به منديون يا به تلوار هجن ان صورت ۾

مرجع ديني آية الله العظمىٰ السيد سيستاني دام ظله الوارف جي نزديڪ

احتياط واجب جي بنياد تي وڏو پٽ ٻين وارثن سان مصالحت ڪري

## مرجع ديني آية الله العظمىٰ الشيخ بشير حسين النجفي دام ظله الوارف جي نزديڪ

به احتياط واجب جي بنياد تي وڏو پٽ ٻين وارثن سان مصالحت ڪري

## مصالحت جي وضاحت

مثال انهن ڪي چوي اهي سڀ مون کي ڏيو ۽ اهي راضي ٿي وڃن يا ڪجهه پيسا ڏئي يا ڪنهن ٻي طريقي سان انهن کي راضي ڪري يا وري انهن مان ڪجهه انهن وارثن کي ڏئي مثال به تلوار هجن ۽ به هجن هاڻي ٻين وارثن کي چوي هڪ تلوار اوهان رکو ۽ منديون ٻئي مان کڻان ۽ اهي راضي ٿي وڃن

ياد رکڻ گهرجي ته قرآن مجيد سان گڏ رحل يا گلاف هجي ته اهو به قرآن سان گڏ وڏي پٽ کي ملندا اهڙي نموني ت

تلوار سان گڏ نيام آهي يا بندوق خنجر يا ٻيو ڪو هتيار هجي ان جو به اهو حڪم آهي

قرآن مجيد،منديءَ تلوار ۽ ڪپڙا وڏي پٽ کي ملندا وڏي ڌي کي نه ملندا مثال اولاد ۾ وڏي ڌي آهي ته ان کي نه ملندا

## اگر وڏا پٽ ٻه هجن

اگر وڏا پٽ ٻه هجن مثال هڪ ئي وقت ۾ ٻن گهرواريں مان ٻه پٽ پيدا ٿين ته ان صورت ۾ اهي پاڻ ۾ برابر تقسيم ڪندا

## اگروڏي پٽ جا ٻئي هٿ ڪٽيل هجي يا ٻهين اکين کان انڌو هجي

اگر اگروڏي پٽ جا ٻئي هٿ ڪٽيل هجي يا ٻهين اکين کان انڌو هجي ته ان صورت اگر ٻئي هٿ ڪٽيل اٿس ته تلوار بندوق وغيره ان کي بطور حبوه نه ملندو بلڪي اهي به ميراث جي باقي مال وانگي تقسيم ٿيندا

اهڙي ريت اگر ٻنهين اکين کان انڌو آهي ته ان کي قرآن مجيد جو نسخو به ملندو

## مسلمان ڪافر جي مال مان ميراث حاصل ڪندو

مسلمان ڪافر جي مال مان ميراث حاصل ڪندو ليڪن ڪافر مسلمان جي ميراث مان حصو نه ڪٽي سگهندو

مثال  اگر ڪنهن جو پيءُ ڪافر هجي ۽ اهو مري وڃي ته مسلمان پٽ ان جي ميراث مان حصو ڪٽندو

ليڪن اگر مسلمان پٽ مري وڃي ته ان جي ڪافر پيءُ کي ميراث مان حصو نه ملوندو

## اگر ڪو پنهنجي رشتيدار کي قتل ڪري

اگر ڪو شخص ڪنهن  رشتيدار کي ڄاڻي واڻي قتل ڪري ته ان (قتل ڪيل) جي ميراث مان حصو نه ڪٽندو

اهڙي نموني پٽ پيءُ کي قتل ڪري ته ميي جي ميراث مان حصو نه ملندس

ليڪن اگر ها قتل اڻڄاڻي ۾ ٿئي مثال هوائي فائر ڪري ۽ اهو ڪنهن کي لڳي وڃي ته ان صورت ۾ ان مري وڃڻ جي واري جي مال مان مارڻ وارو ميراث ڪٽندو

ليڪن مرڻ واري جي جيڪا ديت هوندي ان مان ميراث نه ڪٽندو

## ماء جي پيٽ ۾ موجود ٻار جو ميراث ۾ حصو

اگر مرڻ واري جي زال حمل سان هجي ته ان جي ملڪيت جي تقسيم دوران هڪ پٽ جي حصي برابر مال ان پيٽ واري ٻار جي لاء رکيو ويندو.

## گم ٿيل شخص جو حصو

گهران اگر ڪو شخص گم ٿيل هجي يا گهران نڪري ويو هجي ۽ رابطي ۾ نه هجي ان جو حصو ته ان جو حصو باقي رکيو ويندو ڏهن سالن تائين

اگر انهن ڏهن سالن ۾ نه اچي يا ان جي باري ۾ ڪا خبر نه پوي ته اهو مئل شمار ڪيو ويندو ۽ ان جو حصو وارث پاڻ ۾ تقسيم ڪندا

## اگر مرن واري تي قرض هجي

اگر مرڻ وارو مقروض هجي ۽ قرض ادا ڪرڻ کان پهريان مري وڃي  ته ان مسئلي جون

ڪجهه صورتون آهن

## وصيت ۾ ثلث يعني ٽيون حصو ذڪر ڪري

1_ مرڻ وارو وصيت ڪري ويو هجي ته منهنجي مرڻ کان بعد منهنجو قرض منهنجي ملڪيت جي ثلث مطلب ٽين حصي مان ڏجو

ان صورت ۾ ان جي ملڪيت کي پهرين ٽي حصا ڪبا انهن مان هڪڙي حصي مان ان جو قرض ڏبو

هن صورت ۾ ميت جي ٽين حصي مان اگر قرض وڏيڪ آهي ته وڏو پٽ جيڪو حبوه يعني تلوار، قرآن مجيد ۽ منڊي جيڪي پي مان حاصل ڪيا انهن جي بدلي پنهنجي حصي مان اهو پوراء ڪندو ۽ اگر يا انهن شين مان ڪجهه حصو وڪڻي اهاڪوٽ پوري ڪندو

مثال ميت جي مڪليت 90 روپيه هجي ته ٽيون حصو 30 روپيه ٽيندو هاڻي ميت جو قرض آهي 40 روپيه ته مٿيان ڏهه روپيه وڏو پٽ انهن شين مان ادا ڪندو جيڪي هن کي ميراث کان علاوه وڏي پٽ هجڻ سبب مليا آهن

## وصيت ۾ ٽين حصي جو ذڪر نه ڪري

2_ وصيت ۾ ٽين حصي جو ذڪر نه ڪيو هجيس بس خالي وصيت ڪئي هجيس ته

منهنجي مرڻ کان بعد منهنجو قرضو ادا ڪجو
لهذا ان صورت ۾ مرڻ واري جي ٽوٽل ملڪيت
مان پهريان قرض ادا ڪيو ويندو  بعد ۾ جيڪو
بچندو وارث پاڻ ۾ تقسيم ڪندا

## وصيت نه ڪري بلڪه مرڻ وقت قرض جو اعتراف ڪري

3_ وصيت نتو ڪري ليڪن مرڻ وقت اعتراف
ڪري ٿوته فلاڻي جا مون ڏي هيترا پيسا آهن

هن صورت ۾ ڪجهه شين کي نظر رکيو ويندو

1_مرڻ وارو ڪوڙو نه هجي يعني هن ڏانهن
ڪوڙ جي نسبت نه ڏني ويندي هجي مثال
ڪافي جاين تي اگر ڪو شخص ڪوڙو ثابت ٿي
چڪو هجي ته اهو پلي مرڻ وقت ڪوڙ نه
ڳالهائي رهيو هجي ليڪن اعتبار نه ڪيو ويندو
ڇاڪاڻ ته ڪوڙ جي توقع آهي

2_مرڻ واري ۽ وارث جي درميان ڪا دشمني نه
هجي اگر دشمني هوندن ته اهو خوف رهندو ته

متان ان کي نقصان ڏيڻ لاءِ چئي رهيو هجي ته
مون تي فلاڻ جو قرض آهي تاڪه منهنجي مرڻ
کان بعد وارث کي نقصان ٿئي

3_يا جنهن جي لاءِ اقرار پيو ڪري ته هن جو
مون تي قرض آهي ان سان گهڻي محبت نه
ڪندو هجي چاڪاڻ ته ان ۾ خوف رهندو ته
متان پنهنجي محبوب کي فائدي ڏيڻ لاءِ اهو
اقرار ڪري رهيو هجي

لهذا ان تمام صورتن جي نه هجڻ جي صورت ۾
يعني نه مرڻ وارو ڪوڙو هجي نه مرڻ واري جي
پنهنجي وارثن سان دشمني هجي نه ئي مرڻ وارو
جنهن جي نالي چئي ته ان سان پيار ڪندو هجي
ته ان صورت ۾ جنهن جي نالي چئي ان کي قرض
ادا ڪيو ويندو

4_ نه وصيت ته ڪري نه اعتراف ته ڪري ايئن
مري وڃي بعد ۾ ڪير اچي دعوا ڪري ته مرڻ
واري ڏي منهنجا هيترا پيسا آهن ۽ اگر هو
پنهنجي دعوا ثابت به ڪري مثال شاهد گواهن

سان يا لکت وغيره سان جنهن سان يقين پيدا ٿي سگهي ته ان صورت ۾ ميت جي ملڪيت جي ٽين حصي مان اهو قرض ادا ڪيو ويندو

## مرڻ واري تي واجبات ۽ مستحبات به باقر هجن قرض سان گڏ

اگر مرڻ واري تي حج واجب هيو ۽ نمازون واجب هيس ۽ ان سان گڏ هو پنهنجا قضا روزا رکرائڻ جي وصيت ڪري ۽ ڪجهه مستحاب جو به چوي ته اهي سڀ ميت جي مال جي ٽين حصي مان ڪديا ويندا

ان ترتيب سان ٽين حصي مان سڀ کان پهريان قرض اگر بچي ته واجبات اگر بعد ۾ ڪجهه بچي ته ان مان مستحبات انجام ڏنا ويندا

## مرڻ واري جي ڪفن دفن جو خرچ

مرڻ واري جي دفن، ڪفن ۽ ڪانڌين جو خرچ وغيره اهي تمام خرچ ميت جي اصل مال مان ڪڍيو ويندو

بعد ۾ جيڪو بچي وارثن ۾ تقسيم ٿيندو.

**الحمد لله**

**ڪتاب ميراث مڪمل ٿيو الله سائين جي ڏنل توفيق ۽ مدد سان**

**اگر غلطي هجي ته 03413577583 تي واٽس اپ ڪري آگاه ڪندا**

**مهرباني**

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book